
فڪر جي آزادي ۽ سرڪاري بيانيو

برٽرينڊ رسل جي جڳ مشهور مضمونن جو سنڌي ترجمو



دنيا جو جڳ مشهور تاريخي خطاب

مترجم: عدنان بروهي

Ilim Darya
علم دريا

فڪر جي آزادي ۽ سرڪاري بيانيو

برٽرينڊ رسل (Bertrand Russell)

مترجم عدنان بروهي

مترجم پاران

برٽرينڊ رسل (Bertrand Russell) ويهين صديءَ جي عظيم ترين مفڪرن، فلسفين ۽ انسانيت جي همدردن مان هڪ آهي. سندس هي جڳ مشهور خطاب ۽ مضمون " فڪر جي آزادي ۽ سرڪاري بيانيو" جيتوڻيڪ هڪ صدي اڳ، 1922ع ۾ لکيو ويو هو، پر ان جي اهميت ۽ افاديت اڄ جي هن ڊجيٽل، سوشل ميڊيا ۽ ڪارپوريٽ دور ۾ اڳ کان به وڌيڪ وڌي وئي آهي.

رسل هن مضمون ۾ پڙهندڙن کي انڌي عقيدت ۽ "يقين ڪرڻ جي خواهش" مان ڪڍي "شڪ ڪرڻ جي خواهش" (Will to Doubt) طرف وٺي اچي ٿو. هو وڌي ٻيباڪيءَ سان ان حقيقت کي بي نقاب ڪري ٿو ته ڪيئن رياستون، حڪومتون ۽ طاقتور ادارا تعليم ۽ پروپيگنڊا کي هٿيار طور استعمال ڪري عوام جي ذهن سازي ڪن ٿا، ۽ ڪيئن معاشي ڊپاءُ (روزي روٽيءَ جو خوف) استعمال ڪري سچ ڳالهائيندڙن ۽ اختلاف رکندڙن کي خاموش ڪيو ويو ٿو. اڄ جڏهن اسان پنهنجي چوڌاري ڪوڙين خبرن (Fake News) ۽ ذهنن کي ڪنٽرول ڪندڙ ميڊيا جو ڄار ڏسون ٿا، ته رسل جون ڳالهيون حيرت انگيز حد تائين سچيون ۽ بلڪل اسان جي پنهنجي سماج جو عڪس لڳن ٿيون.

هن شاهڪار تحرير کي سنڌي ٻوليءَ جي قالب ۾ آڻڻ جو بنيادي مقصد پنهنجي سماج، خاص طور تي سنڌ جي نوجوانن ۾ ان 'سائنسي مزاج'، دليل ۽ تنقيدي سوچ (Critical Thinking) کي هٿي ڏيڻ آهي، جنهن جي اسان کي اڄ سڀ کان وڌيڪ ضرورت آهي. مون هن ترجمي ۾ اها پرپور ڪوشش ڪئي آهي ته ٻولي سادي، روان ۽ عام فهم رهي، ته

جيئن رسل جو ڳرو فلسفو هر عام پڙهندڙ تائين بنا ڪنهن ڏکيائيءَ جي پهچي سگهي ٿو ڪٽي ۽ ترجمي جو هٿرادو پڻو محسوس نه ٿئي.

مون کي اميد آهي ته هي مختصر پر انتهائي فڪر انگيز ڪتاب سنڌي پڙهندڙن جي ذهنن جا نوان در کوليندو ۽ اسان جي سماج ۾ سوچ جي آزاديءَ ۽ رواداريءَ بابت هڪ نئين بحث کي جنم ڏيندو.

عدنان بروهي

ڪلفٽن، ڪراچي

چيئرمين جو شروعاتي خطاب

مان اڄ رات هتي آيو آهيان، ڇاڪاڻ جو مان مسٽر رسل کي ٻڌڻ چاهيان ٿو ۽ ڇاڪاڻ جو سائوٿ پليس (South Place) ۾ ان جي روايتن سان پراڻي لڳاءُ جي ڪري. مان پاڻ چاليهن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين هڪ پيشيور استاد رهيو آهيان، ۽ هڪ استاد جي حيثيت ۾ - جنهن کي 37 سال اڳ مذهبي پابندين کي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ تي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو - مان آزاد خيالي جي مسئلي کي وڌيڪ آسانيءَ سان سمجهي سگهان ٿو. جيتوڻيڪ يورپ ۾ مردن ۽ عورتن کي سوچڻ جو طريقو سيکارڻ جي دعويٰ ڪندڙ تعليمي نظام شايد ٿن هزارن سالن کان استعمال ۾ آهن، پر اسان ايڏا تائين ان ڪاميابي تائين نه پهتا آهيون، جيڪا تڏهن ظاهر ٿئي ها، جڏهن اڪثر پڙهيل لکيل ماڻهو ساڳين ٿبوتن جي مطالعي ڪانپوءِ زندگيءَ جي وڏن مسئلن تي هڪجهڙن نتيجن تي پهچن ها. هر هنڌ باغي موجود آهن؛ پر تاريخ جا 90 سيڪڙو فرانسيسي يا آمريڪي شاگرد فرانسيسي يا آمريڪي نتيجن تي پهچن ٿا، ۽ 85 سيڪڙو انگريز شاگرد انگريزن واري سوچ تي پهچن ٿا. ايٽن (Eton) اسڪول جا 80 سيڪڙو چوڪرا سڄي عمر ايٽن وارا سياسي خيال ئي رکن ٿا. آمريڪا ۾ رهندڙ آئرش ڪيٿولڪ آبادي جو 90 سيڪڙو نسل در نسل مذهب ۽ سياست بابت اهي ئي ساڳيا خيال رکي ٿو. جيڪي اڪثريتي آمريڪي نٿا رکن. اهو چئي سگهجي ٿو ته انهن معاملن ۾، هر اداري ۾ شاگردن تائين صرف هڪ ئي قسم جا ثبوت پهچڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي. پر هر ماڻهو اخبارون پڙهي ٿو، پنهنجي پاڙيسرين سان ڳالهائي ٿو، سفر ڪري ٿو ۽ عجائب گھر ڏسڻ وڃي ٿو، ۽ گھٽا ڏهين ماڻهو ڪتاب ۽ رسالا به پڙهن ٿا. ديرياسوير گھٽو ڪري اهي ساڳيا ثبوت اسان سڀني تائين پهچي وڃن ٿا. منهنجو پنهنجو اهو خيال آهي ته اسان انهن ثبوتن مان گھٽي

حد تائين هڪجهڙا نتيجا نه ڪيڊي سگهڻ جو هڪ وڏو سبب اهو آهي ته اسان سوچڻ جو ڏکيو فن اصل ۾ سکيو ئي ناهي. اسڪول ۾ هڪ چوڪري کي رياضي جا فارمولا، پرڏيهي هوليون يا سائنسي ڳالهيون ياد ڪرڻ ۽ سمجهڻ سيکاريو ويڄي ٿو. پر ٿبوتن کي پرکڻ ۾ ياد ڪرڻ جي ڪوشش، يا سمجهڻ جي ڪوشش به، پهرين اهميت نٿي رکي. اصل اثرائتو عمل هڪ قسم جي تڪليف ڏيندڙ ۽ خبرداريءَ واري انتظار جو نالو آهي. ڪو اسڪول يا ڪاليج جو شاگرد جڏهن ڪورٽيل فارمولو ورجائي ٿو يا ڪنهن پراٽي بحث کي ثابت ڪرڻ لاءِ مضمون لکي ٿو، ته ڪيس غير حقيقي هجڻ جو هڪ بيچين ڪندڙ احساس ٿئي ٿو. هو ان احساس کان ائين پري پڄي ٿو، جيئن سيئي جانور تڪليف کان پري پڄندا آهن. جيڪڏهن ڪيس سيکاريو ويڄي ته اثرائتي سوچ جا شرط ڪهڙا آهن، ۽ ان سبق تي عمل ڪرڻ لاءِ سندس حوصلا افزائي ڪئي ويڄي، ته هن کي خبر پئجي ويندي ته صرف اهڙن اڻ چٽن ۽ تڪليف ڏيندڙ احساسن کي مضبوطيءَ سان پڪڙڻ، ۽ انهن کي مڪمل شعور ۾ آڻي انهن جي اونهن سببن ۽ لاڙن کي ظاهر ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ سان ئي هو ڪنهن نئين سچ تائين پهچي سگهي ٿو يا ڪنهن پراٽي سچ کي پنهنجو بڻائي سگهي ٿو.

پر هن کي اهو راز ڪير ٻڌائيندو؟ لنڊن ۾ هر روز هزارين هوشيار ۽ همدرد چوڪرا ۽ چوڪريون پنهنجي ڏينهن جي شروعات 45 منٽن جي ان ٻيزار ڪندڙ "ڪائوپر_ٽيمپل" (Cowper_Temple) تعليم ۾ ويهڻ سان ڪن ٿا، جنهن بابت بشپ ٽيمپل هڪ ڀيري چيو هو ته اهو سڀني جي خرچ تي اها ڳالهه سيکاريڻ آهي جنهن تي ڪير به يقين نٿو رکي. اهي غير حقيقي هجڻ جي ان احساس کان پوريءَ طرح يا اڌورو واقف هوندا، پر، جيتوڻيڪ ڪين اهو نه ٻڌو هجي ته "شڪ جي خلاف وڙهڻ" هڪ مقدس فرض آهي، تڏهن به هو ائين پوئتي هٽن ٿا، جيئن انهن مان سڀ کان وڌيڪ هوشيار شاگرد اهو

محسوس ڪن ٿا تہ استاد بہ ان رستي تي وڌيڪ جاچ پڙتال ڪرڻ کان ڪيبائي رهيو آهي.

شايد ڪنهن ڏينهن عام اسڪولن ۾ ڪاليجن جي مضمونن جا استاد ۾ شاگرد انهن ننڍين ڏار ٽيل ادارن مان ڪجهہ سکن، جتي مرد ۾ عورتون پاڻ کي تخليقي فنن لاءِ تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. نوجوان مصور، مجسمہ ساز يا نوجوان شاعرن جي گروپ جو ڪو ميمبر اڪثر ڪري عجيب طريقي سان اٽڄاڻ ۾ هڪ طرفي سوچ رکندڙ هوندو آهي. پر هو هيرو (Harrow) يا سينٽ پال (St. Paul's) جي وڏي روايتي ڇهين ڪلاس جي ڇوڪرن، يا ڇوڪرين جي هاءِ اسڪول جي هاڪي کيڏندڙ راندگرياٽيءَ کان بلڪل مختلف دنيا ۾ رهي ٿو ڇو تہ هن اها تڪليف ۾ ان تڪليف مان حاصل ٿيندڙ خوشي محسوس ڪئي آهي، جنهن ذريعي ئي دنيا ۾ نئون سچ ۾ نئون حسن پيدا ٿيندو آهي.

فڪر جي آزادي ۽ سرڪاري بيانيو

مونيڪيور ڪانوي (Moncure Conway)، جنهن جي ياد ۾ اسان اڄ هتي گڏ ٿيا آهيون، پنهنجي زندگي ۾ وڏن مقصدن لاءِ وقف ڪئي: سوچ جي آزادي ۽ فرد جي آزادي. انهن ۾نهي مقصدن جي حوالي سان سندس دور کان وٺي ڪجهه حاصل ٿيو آهي، پر ڪجهه وڃايو به ويو آهي. نوان خطرا، جيڪي ماضي جي دورن کان ڪجهه مختلف شڪل ۾ آهن، انهن ۾نهي قسمن جي آزادين کي خطري ۾ وجهي رهيا آهن. جيڪڏهن انهن جي حفاظت لاءِ هڪ مضبوط ۽ سجاڳ عوامي راءِ پيدا نه ڪئي وئي، تہ اڄ کان سؤ سالن کانپوءِ اهي ٻئي آزاديون اڄ جي پيڙ ۾ گهٽيون گهٽجي ويندیون. منهنجي هن خطاب جو مقصد انهن نون خطرن کي اجاگر ڪرڻ ۽ ان ڳالهه تي غور ڪرڻ آهي تہ انهن جو مقابلو ڪيئن ڪجي.

اچو تہ شروعات ان ڳالهه کي واضع ڪرڻ سان ڪريون تہ "آزاد خيالي" مان اسان جو مطلب ڇا آهي. هن اصطلاح جا ٻہ مطلب آهن. ان جي سوڙهي مطلب ۾، اهو اهڙي سوچ آهي جيڪا روايتي مذهب جي عقيدن کي نٽي ميڇي. ان معنيٰ ۾، هڪ ماڻهو تڏهن "آزاد خيال" آهي جڏهن هو عيسائي، مسلمان، ٻڌ، شنٽو يا ڪنهن اهڙي ٻئي گروهه جو ميمبر نہ هجي جيڪو ڪنهن ورثي ۾ مليل عقيدي کي ميڇندو هجي. عيسائي ملڪن ۾ هڪ ماڻهوءَ کي "آزاد خيال" چيو وڃي ٿو جيڪڏهن هو يقيني طور تي خدا تي يقين نٿو رکي، جيتوڻيڪ ڪنهن ٻڌ ڌرم واري ملڪ ۾ ايترو هجڻ ڪنهن ماڻهوءَ کي "آزاد خيال" ٻڌائڻ لاءِ ڪافي نہ هوندو.

مان ان معنيٰ ۾ آزاد خياليءَ جي اهميت کي گهٽائڻ نٿو چاهيان. مان پاڻ سيني جاتل سجاتل مذهبن کان انڪاري آهيان، ۽ مون کي اميد آهي ته هر قسم جو مذهبي عقيدو ختم ٿي ويندو. مان نٿو سمجهان ته مجموعي طور تي مذهبي عقيدو کا پلائي واري طاقت رهيو آهي. جيتوڻيڪ مان اهو مڃڻ لاءِ تيار آهيان ته ڪجهه خاص وقتن ۽ هنڌن تي ان جا ڪجهه سنا اثر رهيا آهن، پر مان ان کي انساني عقل جي شروعاتي يا ٻاراڻي دور جو حصو سمجهان ٿو، ۽ ترقيءَ جي هڪ اهڙي مرحلي جو حصو جنهن مان اسان هاڻي ٻاهر نڪري رهيا آهيون.

پر "آزاد خيالي" جي هڪ وسيع معنيٰ پڻ آهي، جنهن کي مان وڌيڪ اهميت وارو سمجهان ٿو. حقيقت ۾، روايتي مذهبن جو ڪيل نقصان گهٽو ڪري ان ڳالهه ڏانهن ويجي ٿو ته انهن ان وسيع معنيٰ ۾ آزاد خياليءَ کي روڪيو آهي. هن وسيع معنيٰ کي بيان ڪرڻ اوترو آسان ناهي جيترو سوڙهي معنيٰ کي، ۽ ان جي اصل روح تائين پهچڻ لاءِ ڪجهه وقت لڳائڻ بهتر رهندو.

جڏهن اسان ڪنهن به شيءِ کي "آزاد" چئون ٿا، ته اسان جي معنيٰ تيسين واضح ناهي جيستائين اسان اهو نه ٻڌايون ته اها ڪهڙي شيءِ کان آزاد آهي. جيڪا به شيءِ يا جيڪو به ماڻهو "آزاد" آهي، اهو ڪنهن ٻاهرين دٻاءَ جو پابند ناهي هوندو، ۽ ڳالهه کي واضح ڪرڻ لاءِ اسان کي ٻڌائڻ گهرجي ته اهو دٻاءُ ڪهڙي قسم جو آهي. ان ڪري سوچ تڏهن "آزاد" هوندي آهي جڏهن اها ڪجهه خاص قسمن جي ٻاهرين ڪنٽرول کان آزاد هجي، جيڪي اڪثر موجود هوندا آهن. ڪنٽرول جا ڪجهه قسم جيڪي سوچ کي "آزاد" ڪرڻ لاءِ نه هجڻ گهرجن، اهي بلڪل پڌرا آهن، پر ڪي وري لڪل ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ آهن.

سپ کان پڌري ڀالهه کان شروعات ڪريون ٿا. سوچ ان وقت "آزاد" ناهي هوندي جڏهن ڪي خاص رايا رکڻ يا نه رکڻ سان، يا ڪنهن خاص معاملي تي پنهنجي يقين يا بي يقينيءَ جو اظهار ڪرڻ سان قانوني سزائون ملن. دنيا جي تمام ٿورن ملڪن ۾ ايجا تائين آزاديءَ جو هي شروعاتي قسم موجود آهي. انگلينڊ ۾، توهين مذهب جي قانونن تحت، عيسائي مذهب ۾ بي يقيني ظاهر ڪرڻ غير قانوني آهي، جيتوڻيڪ عملي طور تي امير ماڻهن خلاف اهو قانون استعمال نٿو ڪيو ويجي. عدم تشدد جي موضوع تي عيسيٰ مسيح جي تعليمات ڏيڻ ۾ غير قانوني آهي. ان ڪري، جيڪو به ڏوهاري ٻڌجڻ کان بچڻ چاهي ٿو ان کي عيسيٰ جي تعليمات سان متفق هجڻ جو ڏيکاءُ ڪرڻو پوندو. پر اهو چوڻ کان پاسو ڪرڻو پوندو ته اها تعليم ڇا هئي. آمريڪا ۾ ڪوبه ماڻهو تيستائين داخل نٿو ٿي سگهي جيستائين هو قسم کڻي اهو نه چوي ته هو انارڪزم (بنا حڪومت واري نظام) ۽ هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪرڻ تي يقين نٿو رکي؛ ۽ هڪ دفعو اندر وڃڻ کانپوءِ، هن کي ڪميونزم کان به انڪار ڪرڻو پوندو. جاپان ۾ ميڪاڊو (بادشاهه) جي خدائي هجڻ کان انڪار ڪرڻ غير قانوني آهي. اهڙي طرح اهو ڏسي سگهجي ٿو ته دنيا جو سفر هڪ خطرناڪ مهم آهي. ڪو مسلمان، ٽالستاءِ جو پيروڪار، بالشوويڪ، يا عيسائي ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي ڏوهاري ٻڌجڻ، يا پنهنجي خيال ۾ اهم سچائين بابت خاموش رهڻ کانسواءِ اهو سفر نٿو ڪري سگهي. يقينن، اهو صرف غريب مسافرن تي لاڳو ٿئي ٿو. امير درجي جي مسافرن کي اجازت آهي ته هو جنهن ڀالهه تي چاهين يقين رکن، بشرطيڪ اهي جارحاڻي طريقي سان پنهنجا خيال مڙهڻ کان پاسو ڪن.

اهو واضح آهي ته سوچ کي آزاد رکڻ لاءِ سپ کان بنيادي شرط راءِ جي اظهار تي قانوني سزائن جو نه هجڻ آهي. ايجا تائين کوبه وڏو ملڪ هن سطح تائين نه پهچي سگهيو آهي، جيتوڻيڪ انهن مان گهڻن جو خيال آهي ته هو اتي پهچي چڪا آهن. اهي رايا جن تي

ايا تائين ظلم ڪيو ويو ٿو. اڪثريت کي ايترا خطرناڪ ۽ غير اخلاقي لڳن ٿا جو انهن جو خيال آهي ته رواداريءَ جو عام اصول انهن تي لاڳو نٿو ٿي سگهي. پر اهو بلڪل ساڳيو نظريو آهي جنهن انڪوائزيشن (Inquisition ـ مذهبي عدالتن) جي تشدد کي ممڪن بڻايو هو. هڪ وقت هو جڏهن پروٽيسٽنٽ هجڻ ايترو ئي خراب سمجهيو ويندو هو جيترو اڄ بالشوويڪ هجڻ سمجهيو ويو ٿو. مهرباني ڪري منهنجي هن ڳالهه مان اهو مطلب نه ڪڍجو ته مان ڪو پروٽيسٽنٽ يا بالشوويڪ آهيان.

جديد دنيا ۾، تنهن هوندي به، قانوني سزائون سوچ جي آزاديءَ جي رستي ۾ سڀ کان ننڍيون رڪاوٽون آهن. به وڏيون رڪاوٽون معاشي (اقتصادي) سزائون ۽ ثبوتن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪرڻ آهن. اهو واضح آهي ته سوچ آزاد ناهي، جيڪڏهن ڪجهه خاص راين رکڻ سان روزي ڪمائڻ ناممڪن بڻجي ويو. اهو به واضح آهي ته سوچ آزاد ناهي جيڪڏهن ڪنهن تڪرار جي هڪ طرف وارن دليلن کي هميشه انتهائي پرڪشش طريقي سان پيش ڪيو ويو، جڏهن ته ٻئي طرف وارن دليلن کي صرف سخت محنت ۽ ڳولا سان ئي ڳولي سگهجي. منهنجي ڄاڻ موجب اهي ٻئي رڪاوٽون چين کان سواءِ، جيڪو آزاديءَ جي آخري پناهگاه آهي، هر وڏي ملڪ ۾ موجود آهن. مان انهن رڪاوٽن سان ئي واسطو رکندس — انهن جي موجوده شدت، انهن جي وڌڻ جي امڪان، ۽ انهن کي گهٽائڻ جي امڪان سان.

اسان اهو چئي سگهون ٿا ته سوچ تڏهن آزاد آهي جڏهن ان کي عقيدن جي وچ ۾ آزاد مقابلي جو موقعو ملي — يعني، جڏهن سڀني عقيدن کي پنهنجو موقف پيش ڪرڻ جو موقعو ملي، ۽ عقيدن سان کي به قانوني يا مالي فائدا يا نقصان نه ڳنڍيل هجن. هي هڪ اهڙو مثالي خيال آهي جيڪو مختلف سببن جي ڪري ڪڏهن به مڪمل طور تي

حاصل نڪوڪري سگھجي. پر ان جي ان کان گھٽو ويجھو وڃڻ ممڪن آھي جيتري اسان جي ھاڻوڪي حالت آھي.

منھنجي پنھنجي زندگيءَ جا ٽي واقعا اھو ڏيکارڻ لاءِ ڪافي ٿيندا تہ ڪيئن جديد انگلينڊ ۾ ٻہ تور جي تارازي عيسائيت جي حق ۾ جھڪيل آھي. منھنجي انھن کي بيان ڪرڻ جو سبب اھو آھي تہ گھٽن ماڻھن کي ان ڳالھہ جو بلڪل احساس ناھي تہ پڏرو ايگناسٽڪ (Agnostic _ اڻ ڄاڻائيءَ جو قائل/خدا جي وجود بابت شڪ رکندڙ) ھجڻ ماڻھن کي ايڏا تائين ڪھڙن نقصانن ۾ وجھي ٿو.

پھريون واقعو منھنجي زندگيءَ جي بلڪل شروعاتي دور جو آھي. منھنجو پيءُ ھڪ آزاد خيال ھو. پر جڏھن مان رڳو ٽن سالن جو ھوس تہ ھو گذاري ويو. ھن جي خواھش ھئي تہ مون کي توھم پرستي کان پري رکيو وڃي. ان ڪري ھن ٻن آزاد خيال ماڻھن کي منھنجو سرپرست مقرر ڪيو. پر عدالتن سندس وصيت کي رد ڪري ڇڏيو ۽ مون کي عيسائي عقيدي جي تعليم ڏياري وئي. مون کي ڊپ آھي تہ نتيجو مايوس ڪندڙ نڪتو. پر اھو قانون جو ڏوھہ نہ ھو. جيڪڏھن ھن اھو حڪم ڏنو ھجي ھا تہ مون کي مسيحين جي ڪنھن ٻئي فرقي (جھڙوڪ Christadelphian, Muggletonian يا Seventh_ Day Adventist) جي تعليم ڏني وڃي، تہ عدالتون ڪڏھن بہ اعتراض ڪرڻ جو سوچين بہ نہ ھا. ھڪ پيءُ کي اھو حق حاصل آھي تہ ھو وصيت ڪري تہ سندس مرڻ کانپوءِ سندس ٻارن جي ذھن ۾ ڪا بہ تصوراتي توھم پرستي وڌي وڃي، پر ڪيس اھو حق حاصل ناھي تہ ھو چوي تہ جيڪڏھن ممڪن ھجي تہ کين توھم پرستي کان پري رکيو وڃي.

ٻيو واقعو سال 1910ع ۾ پيش آيو. ان وقت مون کي لبرل پارٽي طرفان پارليامينٽ جي چونڊ وڙهڻ جو شوق هو. ۽ پارٽي مئنيجرن مون کي هڪ خاص تڪ لاءِ سفارش ڪئي. مون لبرل ايسوسيئيشن کي خطاب ڪيو. جن مون بابت مثبت راءِ ڏني. ۽ منهنجي چونڊ پکي ٿي وئي. پر، هڪ ننڍي اندروني ڪاميٽي طرفان سوال پڇڻ تي، مون اعتراف ڪيو ته مان هڪ ايگناسٽڪ (Agnostic) آهيان. هنن پڇيو ته ڇا اها ڳالهه باهر نڪري ايندي، ۽ مون چيو ته ممڪن آهي ته نڪري اچي. هنن پڇيو ته ڇا مان ڪڏهن ڪڏهن چرچ وڃڻ لاءِ تيار آهيان، ۽ مون جواب ڏنو ته مان ائين نه ڪندس. نتيجي طور، هنن هڪ ٻيو اميدوار چونڊيو. جيڪو باقاعده چونڊجي ويو. ۽ ان وقت کان ونسٽن پارليامينٽ ۾ آهي ۽ موجوده حڪومت جو ميمبر آهي.

ٽيون واقعو بلڪل ان جي فوري پوءِ پيش آيو. ٽرينٽي ڪاليج (Trinity College)، ڪيمبرج، مون کي ليڪچرر ٻڌجڻ جي دعوت ڏني، پر فيلو (Fellow) نه. انهن ٻنهي جي وچ ۾ فرق پئسن جو ناهي؛ پر اهو آهي ته هڪ فيلو کي ڪاليج جي انتظاميا ۾ ووٽ ڏيڻ جو حق هوندو آهي، ۽ سخت غير اخلاقي حرڪت کانسواءِ سنڊس فيلوشپ جي مدي دوران ڪيس هٽائي نٽو سگهجي. مون کي فيلوشپ نه ڏيڻ جو وڏو سبب اهو هو ته مذهبي پارٽي نه پئي چاهيو ته مذهب مخالف ووٽ ۾ اضافو ٿئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته 1916ع ۾ جڏهن جنگ بابت منهنجا خيال ڪين نه وٺيا ته هو مون کي نوڪري تان ڪيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جيڪڏهن مان صرف پنهنجي ليڪچررشپ تي دارومدار رکان ها، ته مان بک مري وڃان ها.

اهي ٽئي واقعا جديد انگلينڊ ۾ به پڌري طرح آزاد خيال هجڻ سان جڙيل مختلف نقصانن کي واضح ڪن ٿا. ڪو به ٻيو سامهون آيل آزاد خيال پنهنجي ذاتي تجربي مان اهڙا ئي

واقعا ٻڌائي سگھي ٿو جيڪي اڪثر تمام گھٽا سنجيده نوعيت جا هوندا آهن. ان جو آخري نتيجو اهو ٿو نڪري ته جيڪي ماڻهو امير ناهن، اهي پنهنجي مذهبي عقيدن بابت سچ ٻالهائڻ جي همت نٿا ڪري سگھن.

يقينن، آزاديءَ جي ڪوٺ صرف مذهب جي حوالي سان ئي ناهي. ڪميونزم يا آزاد محبت تي يقين رکڻ، هڪ ماڻهوءَ لاءِ ايگناسٽڪ هجڻ کان ٻه وڌيڪ رڪاوٽون پيدا ڪري ٿو. نه رڳو اهي خيال رکڻ هڪ نقصان آهي، پر انهن جي حق ۾ ڏنل دليلن لاءِ پبلسٽي حاصل ڪرڻ ان کان ٻه وڌيڪ ڏکيو آهي. ٻئي طرف، روس ۾ فائدا ۽ نقصان بلڪل ابتا آهن: اتي الحاد (خدا کي نه مڃڻ)، ڪميونزم ۽ آزاد محبت جو اقرار ڪرڻ سان آرام ۽ طاقت ملي ٿي، ۽ انهن راين جي خلاف پروپيگنڊا ڪرڻ جو ڪو به موقعو موجود ناهي. ان جو نتيجو اهو آهي ته روس ۾ انتهاپسندن جو هڪ گروهه ڪجهه شڪي ٻالهين تي مڪمل يقين رکي ٿو جڏهن ته باقي دنيا ۾ انتهاپسندن جو هڪ ٻيو گروهه ان جي بلڪل ابتڙ پر اوترين ئي شڪي ٻالهين تي مڪمل يقين رکي ٿو. اهڙي صورتحال مان ٻنهي طرفن کان جنگ، تلخي ۽ ظلم جو پيدا ٿيڻ لازمي آهي.

وليم جيمس (William James) هميشه "يقين ڪرڻ جي خواهش" (will to believe) جي تبليغ ڪندو هو. منهنجي خيال ۾، مان "شڪ ڪرڻ جي خواهش" (will to doubt) جي تبليغ ڪرڻ چاهيندس. اسان جا ڪي ٻه يقين بلڪل سچا ناهن؛ سيني ۾ گھٽ ۾ گھٽ ڪجهه اڻ چٽائي ۽ غلطي ضرور هوندي آهي. اسان جي عقيدن ۾ سچائيءَ جو درجو وڌائڻ جا طريقا ڇڪيءَ طرح ڄاتل سڃاتل آهن؛ انهن ۾ سيني پاسن کي ٻڌڻ، سپ لاڳاپيل حقيقتون معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، اهڙن ماڻهن سان بحث ذريعي پنهنجي طرفداريءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ جن جي راءِ ابتي هجي، ۽ ڪنهن ٻه اهڙي

مفروضي کي رد ڪرڻ جي تياري رکڻ شامل آهي جيڪو غلط ثابت ٿئي. اهي طريقا سائنس ۾ استعمال ڪيا ويڻ ٿا، ۽ انهن ئي سائنسي علم جو بنياد وڌو آهي. سائنس جو هر اهو ماڻهو جنهن جو نظريو حقيقت ۾ سائنسي آهي، اهو مڃڻ لاءِ تيار رهي ٿو ته جيڪو هن وقت سائنسي علم سمجهيو ويجي ٿو، دريافتن جي ترقيءَ سان ان ۾ يقينن تبديليءَ جي ضرورت پوندي، ان جي باوجود، اهو سچ جي ايترو ته ويجهو آهي جو گهٽڻ عملي مقصدن لاءِ ڪم اچي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ سيني لاءِ نه. صرف سائنس ۾ ئي، جتي حقيقي علم جي ويجهو ڪا شيءِ ملي ٿي، ماڻهن جو رويو تجرباتي ۽ شڪ سان پريل هوندو آهي.

ان جي ابتڙ، مذهب ۽ سياست ۾، جيتوڻيڪ اتي سائنسي علم جي ويجهو ڪا به شيءِ ناهي، پر هر ڪو اهو ضروري سمجهي ٿو ته هن جي ڪا نه ڪا ضدي (dogmatic) راءِ هجي، جنهن کي بک مارڻ، جيلن، ۽ جنگين سان لاڳو ڪيو ويجي، ۽ ان کي ڪنهن به مختلف راءِ سان دليلن جي مقابلي کان سختيءَ سان بچايو ويجي. جيڪڏهن ماڻهن کي انهن معاملن بابت رڳو ٻورو شڪي يا تجرباتي ذهني حالت ۾ آڻي سگهجي، ته جديد دنيا جون ڏهه مان نَوَ برايون ختم ٿي ويڻ. جنگ ناممڪن ٿي پوي، ۽ جو ته ٻئي ڏريون اهو سمجهي ونڻ ته ٻئي غلطي تي هجن ٿيون. ظلم بند ٿي ويجي. تعليم جو مقصد ذهن کي تنگ رکڻ جي بدران وسيع ڪرڻ هوندو. ماڻهن کي نوڪرين لاءِ سندن قابليت جي بنياد تي چونڊيو ويندو، نه ڪي ان ڪري جو اهي طاقتور ماڻهن جي غير منطقي عقيدن جي خوشامد ڪن ٿا. ان ڪري، جيڪڏهن رڳو منطقي شڪ ئي پيدا ڪيو ويجي، ته اهو ئي هڪ نئين خوشحال دور کي آڻڻ لاءِ ڪافي هوندو.

گذريل ڪجهه سالن ۾ اسان وٽ اضافيت جي نظريي (theory of relativity) ۽ دنيا پاران ان جي آجيان ۾ سائنسي مزاج جو هڪ شاندار مثال مليو آهي. آئنسٽائن، جيڪو

هڪ جرمن-سوئس-يهودي ۽ امن پسند هو ان کي جنگ جي شروعاتي ڏينهن ۾ جرمن حڪومت طرفان ريسرچ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. سندس اڳڪٿين جي تصديق هڪ انگريز وفد 1919ع جي سج گرهڻ جي مشاهدي دوران ڪئي، جيڪا جنگبندي کان تمام جلد پوءِ هئي. سندس نظريو روايتي فزڪس جي پوري نظرياتي ڍانچي کي اونڌو ڪري ٽوڙيڇڏيو. اهو روايتي حرڪيات (dynamics) لاءِ اوترو ئي تباهه ڪندڙ آهي جيترو ڌارون جو نظريو پيدائش جي ڪتاب لاءِ هو. پر هر هنڌ فزڪس جي ماهرن ان ڳالهه جي مڪمل تياري ڏيکاري ته جيئن ئي ثبوت هن جي نظريي جي حق ۾ هئا، هنن ان کي قبول ڪري ورتو. پر انهن مان ڪو به، ۽ خود آئنسٽائن به، اها دعويٰ نه ڪندو ته هن آخري ڳالهه چئي ڇڏي آهي. هن ڪو اهڙو نه متجندڙ عقيدو ناهي جوڙيو جيڪو هميشه لاءِ قائم رهي. ڪي مشڪلاتون آهن جيڪي هو حل نٿو ڪري سگهي. سندس نظرين کي پنهنجي وقت تي تبديل ٿيٽو پوندو جيئن انهن نيوٽن جي نظرين کي تبديل ڪيو. هي تنقيدي، غير ضدي ۽ قبول ڪرڻ وارو رويو ئي سائنس جو سچو رويو آهي.

ڇا ٿئي ها جيڪڏهن آئنسٽائن مذهب يا سياست جي ميدان ۾ اهڙي ئي ڪا نئين ڳالهه پيش ڪري ها؟ انگريزن کي سندس نظريي ۾ پروشين ازم (جرمن بالادستيءَ) جا جزا نظر اچن ها، سامي دشمنن ان کي يهودين جي سازش قرار ڏنو هوندو، سڀني ملڪن جي قومپرستن ان ۾ بزدلاڻي امن پسندي جو رنگ ڏٺو هوندو ۽ ان کي فوجي سروس کان بچڻ جو هڪ حربو ڪوٺيو هوندو. پراڻي خيال جي سڀني پروفيسرن اسڪاٽلينڊ يارڊ سان رابطو ڪيو هوندو ته جيئن سندس لکڻين جي ملڪ ۾ اچڻ تي پابندي مڙهي سگهجي. سندس حمايت ڪندڙ استادن کي نوڪرين مان ڪڍيو وڃي ها. ان دوران، هو پاڻ ڪنهن پنتي پيل ملڪ جي حڪومت تي قبضو ڪري چڪو هوندو، جتي هن جي نظريي کانسواءِ ٻيو ڪجهه پڙهائڻ غير قانوني بڻجي چڪو هوندو، جيڪو وري هڪ اهڙو

پراسرار عقيدو بڻجي وڃي ها جيڪو ڪنهن جي به سمجهه ۾ نه اچي ها. آخرڪار سندس نظريي جو سچو يا ڪوڙو هجڻ جنگ جي ميدان ۾ طئي ٿئي ها، بغير ڪنهن نئين ثبوت جي جيڪو ان جي حق يا مخالفت ۾ گڏ ڪيو ويو. اهو طريقو وليم جيمس جي "يقين ڪرڻ جي خواهش" جو منطقي نتيجو آهي.

جنهن شيءِ جي ضرورت آهي اها يقين ڪرڻ جي خواهش ناهي، پر معلوم ڪرڻ جي خواهش آهي، جيڪا ان جي بلڪل ابتي آهي.

جيڪڏهن اهو مڃيو ويو ته منطقي شڪ واري حالت فائدي واري هوندي، ته پوءِ اهو پڇڻ اهم ٿي وڃي ٿو ته دنيا ۾ ايترو غير منطقي يقين ڪيئن موجود آهي. ان جو گهڻو حصو عام انساني فطرت جي پيدائشي غير منطقيت ۽ جلدي ڳالهه مڃي وڃڻ (credulity) واري خصلت تي ٻڌل آهي. پر ذهني ڪوتاهيءَ جو هي ٻج ٻين ذريعن سان وڌايو ۽ پاليو ويو ٿو. جن ۾ ٽي سڀ کان اهم ڪردار ادا ڪن ٿا—يعني، تعليم، پروپيگنڊا، ۽ معاشي دٻاءُ. اچو ته واري واري سان انهن تي غور ڪريون.

(1) تعليم. — سڀني ترقي يافته ملڪن ۾ بنيادي تعليم رياست جي هٿن ۾ آهي. جيڪي ڳالهيون پڙهايون ويون ٿيون انهن مان ڪجهه ته اهي آفيسر ئي ڪوڙيون ڄاڻن ٿا جيڪي اهي نصاب طئي ڪن ٿا، ۽ ڪيتريون ئي ٻيون ڳالهيون هر غير جانبدار ماڻهو ڪوڙيون، يا گهٽ ۾ گهٽ انتهائي شڪي سمجهي ٿو. مثال طور، تاريخ جي تعليم کي ئي ونو. اسڪول جي تاريخ جي ڪتابن ۾ هر قوم صرف پنهنجي واکاڻ ڪرڻ چاهي ٿي. جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي آتم ڪٿا لکي ٿو ته ان مان عاجزيءَ جي اميد ڪئي ويي ٿي؛ پر جڏهن ڪا قوم پنهنجي آتم ڪٿا لکي ٿي ته ان جي هنائي ۽ ڪوڙي شان جي ڪا حد ناهي هوندي. جڏهن مان ننڍو هوس، اسڪولي ڪتاب پڙهائيندا هئا ته

فرانسيسي خراب آهن ۽ جرمن نيڪ آهن، هاڻي اهي ان جو ابتو پڙهائين ٿا. ٻنهي صورتن ۾ سچ جي رتي برابر ب پرواهه نه ڪئي وئي آهي. جرمن اسڪولي ڪتابن ۾ جڏهن واٽرلو جي جنگ جو ذڪر اچي ٿو ته ولنگٽن (Wellington) کي لڳ ڀڳ هارائيندڙ ڏيکاريو ويجي ٿو جنهن کي بلوچر (Blücher) بچايو. انگريزي ڪتاب وري بلوچر جي ڪردار کي معمولي ڏيکارين ٿا. جرمن ۽ انگريزي ڪتابن جا ليکڪ ڄاڻن ٿا ته هو سچ نٿا ٻڌائين. آمريڪي اسڪولي ڪتاب برطانيا مخالف هوندا هئا، جنگ ڪانپوءِ اهي اوترا ئي برطانيا جا حامي بڻجي ويا آهن، بغير ڪنهن صورت ۾ سچ بيان ڪرڻ جي. جنگ ڪان اڳ ۽ پوءِ، آمريڪا ۾ تعليم جي اهم مقصدن مان هڪ اهو رهيو آهي ته ٻاهران آيل مختلف مهاجر ٻارن کي "سنا آمريڪي" بڻايو ويجي. بظاهر ڪنهن ب ان ڳالهه تي غور ناهي ڪيو ته هڪ "سنو آمريڪي"، بلڪل هڪ "سني جرمن" يا "سني جاپاني" وانگر، ان حد تائين هڪ خراب انسان ئي هوندو. هڪ "سنو آمريڪي" اهو مرد يا عورت آهي جنهن جي ذهن ۾ اهو يقين وهايو ويو آهي ته آمريڪا دنيا جو بهترين ملڪ آهي، ۽ ڪنهن ب جهيڙي ۾ ان جو جذبي سان ساٿ ڏيڻ گهرجي. ممڪن آهي ته اهي ڳالهيون سچيون هجن، جيڪڏهن ائين آهي، ته ڪنهن ب عقل واري ماڻهوءَ کي انهن تي ڪو اعتراض نه هوندو. پر جيڪڏهن اهي سچيون آهن، ته اهي هر هنڌ پڙهائڻ گهرجن، نه رڳو آمريڪا ۾. اهو شڪ پيدا ڪندڙ عمل آهي ته اهي ڳالهيون رڳو ان مخصوص ملڪ کان ٻاهر ڪڏهن ب نٿيون ميڙيون وڃن جنهن جي اهي تعريف ڪن ٿيون. ان دوران، مختلف ملڪن ۾ رياست جي سموري مشينري بي پهچ ٻارن کي اهڙيون بيوقوفاٽيون ڳالهيون مڃائڻ تي لڳل آهي جنهن جو اثر اهو نڪري ٿو ته اهي بچڙن مفادن جي بچاءَ لاءِ مرڻ تي تيار ٿي وڃن ٿا، ان غلط فهميءَ ۾ ته اهي سچ ۽ حق لاءِ وڙهي رهيا آهن. اهو انهن بيشمار طريقن مان صرف هڪ آهي جنهن ذريعي تعليم جو

مقصد سچو علم ڏيڻ نہ پر ماڻهن کي سندن آقا جي مرضيءَ مطابق موڙڻ جوڳو بڻائڻ آهي. پرائمري اسڪولن ۾ ڏوکي جي هڪ وسيع نظام کان سواءِ جمهوريت جو اهو ڊرامو برقرار رکڻ ناممڪن هوندو.

تعليم جي موضوع کي چڏڻ کان اڳ، مان آمريڪا مان هڪ ٻيو مثال ونندس—نہ ان ڪري تہ آمريڪا ٻين ملڪن کان وڌيڪ خراب آهي، پر ان ڪري جو اهو سڀ کان جديد آهي، ۽ اهي خطرا ڏيکاري ٿو جيڪي گهٽجڻ بجاءِ وڌي رهيا آهن. نيويارڪ رياست ۾ رياست جي لائسنس کان سواءِ ڪو اسڪول قائم نٿو ڪري سگهجي، توڙي جو اهو مڪمل طور نجي فنڊن سان هلايو ويجي. هڪ تازي قانون ۾ چيو ويو آهي تہ ڪنهن بہ اهڙي اسڪول کي لائسنس نہ ڏنو ويندو "جتي اهو ظاهر ٿئي تہ اتي ڏني ويندڙ تعليم ۾ اهڙو نظريو شامل آهي تہ منظم حڪومتن کي طاقت، تشدد، يا غير قانوني طريقن سان ڪيرايو ويجي." جيئن "نيو ريپبلڪ" (New Republic) رسالي نشاندهي ڪئي آهي، هن قانون ۾ ڪنهن خاص منظم حڪومت جو ذڪر ناهي ڪيو ويو. ان ڪري هن قانون تحت، پهرين مهاڀاري جنگ دوران اهو پڙهائڻ غير قانوني هجي ها تہ قيصر (Kaiser) جي حڪومت کي طاقت سان ڪيرايو ويجي؛ ۽ ان ڪانپوءِ سوويت حڪومت خلاف ڪولچاڪ (Kolchak) يا ڊينيڪن (Denikin) جي حمايت ڪرڻ بہ غير قانوني هجي ها. يقينن، قانون ناهيندڙن جو اهو مقصد نہ هو، ۽ اهو رڳو خراب مسودي لکڻ جو نتيجو هو. انهن جو اصل مقصد ان ساڳئي وقت منظور ڪيل هڪ ٻئي قانون مان ظاهر ٿئي ٿو. جيڪو سرڪاري اسڪولن جي استادن تي لاڳو ٿئي ٿو. هي قانون طئي ڪري ٿو تہ اهڙن اسڪولن ۾ پڙهائڻ جي اجازت ڏيڻ وارا سرٽيفڪيٽ صرف انهن ماڻهن کي جاري ڪيا ويندا جن "تسلي بخش طريقي سان ثابت ڪيو هجي" تہ اهي "هن رياست جي حڪومت ۽ آمريڪا جي حڪومت جا وفادار ۽ فرمانبردار آهن"، ۽ انهن کي اهي

سرٽيفڪيٽ نہ ڏنا ويندا جن ڪڏهن بہ ڪٽي بہ. "هن رياست يا آمريڪا جي حڪومت ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي حڪومتي نظام" جي حمايت ڪئي هجي. ان ڪاميٽي جنهن اهي قانون ٺاهيا، اهو طئي ڪيو تہ اهو استاد جيڪو "موجوده سماجي نظام جي منظوري نٿو ڏئي.....ان کي پنهنجي عهدي تان هٽ ڪٽڻو پوندو." ۽ اهو تہ "ڪنهن بہ اهڙي ماڻهوءَ کي جنهن ۾ سماجي تبديليءَ جي نظرين سان وڙهڻ جو شوق ناهي، نوجوانن ۽ وڏن کي شهريت جي ذميوارين لاءِ تيار ڪرڻ جو ڪم نہ سونپڻ گهرجي." اهڙي طرح، نيويارڪ رياست جي قانون جي مطابق، عيسيٰ مسيح ۽ جارج واشنگٽن اخلاقي طور ايترا ڪريل هئا جو اهي نوجوانن کي تعليم ڏيڻ جي قابل نہ هئا. جيڪڏهن عيسيٰ مسيح نيويارڪ وڃي چوي تہ، "ننڍن ٻارن کي مون وٽ اچڻ ڏيو" تہ نيويارڪ اسڪول بورڊ جو صدر جواب ڏئي ها: "جناب، مون کي اهڙو ڪوبہ ثبوت نٿو ملي تہ توهان سماجي تبديليءَ جي نظرين سان وڙهڻ لاءِ پرجوش آهيو. حقيقت ۾، مون ٻڌو آهي تہ توهان ان جي حمايت ڪريو ٿا جنهن کي توهان آسماني بادشاهت چئو ٿا، جڏهن تہ هي ملڪ، خدا جو شڪر آهي، هڪ ريپبلڪ (جمهوريہ) آهي. اهو پڌرو آهي تہ توهان جي آسماني بادشاهت جي حڪومت نيويارڪ رياست کان بلڪل مختلف هوندي، ان ڪري ڪنهن بہ ٻار کي توهان تائين وڃڻ جي اجازت نہ هوندي." جيڪڏهن هو اهو جواب نہ ڏئي ها، تہ هو قانون لاڳو ڪرڻ جي ذميواري ڪٽندڙ هڪ سرڪاري عملدار جي حيثيت سان پنهنجو فرض پورو نہ ڪري رهيو هجي ها.

اهڙن قانونن جو اثر تمام سنجيده آهي. بحث خاطر اهو مڃي ونڃي تہ نيويارڪ رياست ۾ حڪومت ۽ سماجي نظام دنيا ۾ هيل تائين جا بهترين نظام آهن؛ پر پوءِ بہ انهن ٻنهي ۾ بهتريءَ جي گنجائش ضرور هوندي. ڪوبہ ماڻهو جيڪو هن پڌري ڳالهہ کي مڃي ٿو

قانون مطابق سرڪاري اسڪول ۾ پڙهائڻ جي قابل ناهي. اهڙي طرح قانون اهو فيصلو ڪري ٿو ته سڀ استاد يا ته منافق هجن يا بيوقوف.

نيويارڪ جي قانون مان ظاهر ٿيندڙ وڏندڙ خطرو اهو آهي جيڪو طاقت جي هڪ ئي تنظيم جي هٿن ۾ اچي ويڙ مان پيدا ٿئي ٿو. چاهي اها تنظيم رياست هجي يا ڪو ترسٽ يا ترسٽن جو ڳڻ جوڙ. تعليم جي معاملي ۾ طاقت رياست جي هٿن ۾ آهي، جيڪا نوجوانن کي ڪنهن بہ اهڙي نظريي بابت ٻڌڻ کان روڪي سگهي ٿي جيڪو ان کي نٿو وڻي. منهنجو خيال آهي ته ايا تائين ڪجهہ ماڻهو ائين سمجهن ٿا ته جمهوري رياست ماڻهن کان الڳ ناهي. بهرحال، اهو هڪ وهم آهي. رياست اصل ۾ آفيسرن جو هڪ مجموعو آهي، جيڪي مختلف ڪمن لاءِ مقرر ٿيل آهن، ۽ جيستائين موجوده نظام (status quo) قائم آهي تيستائين اهي آرامده پگهارون کڻي رهيا آهن. موجوده نظام ۾ هو صرف اها تبديلي چاهي سگهن ٿا ته بيوروڪريسي وڏي ۽ بيوروڪريٽس جي طاقت ۾ اضافو ٿئي. ان ڪري، اهو فطري آهي ته هو جنگ جي جوش جهڙن موقعن مان فائدو وٺي پنهنجي ملازمن تي انڪوائريءَ جا اختيار حاصل ڪن، جنهن ۾ مخالفت ڪندڙ ڪنهن بہ هيڻين ملازم کي بک مارڻ جو حق بہ شامل آهي. ذهني معاملن جهڙوڪ تعليم ۾، اهڙي صورتحال تباهہ ڪندڙ هوندي آهي. اهو ترقي، آزادي يا ذهني شروعات جي سڀني امڪانن کي ختم ڪري ڇڏي ٿو. پر پرائمري تعليم کي مڪمل طور هڪ ئي تنظيم جي ماتحت ڪرڻ جو اهو ئي فطري نتيجو هوندو آهي.

مذهبي رواداري ڪنهن حد تائين ان ڪري ملي آهي جو ماڻهن مذهب کي ايترو اهم سمجهڻ ڇڏي ڏنو آهي جيترو اهو ڪڏهن سمجهيو ويندو هو. پر سياست ۽ اقتصاديات ۾، جن هاڻي مذهب واري جاءِ وٺي ڇڏي آهي، مخالفن تي ظلم ڪرڻ جو لاڙو وڏي رهيو

آهي، جيڪو ڪنهن هڪ پارٽي تائين محدود ناهي. روس ۾ نظرين تي ظلم ڪنهن به سرمائيدار ملڪ کان وڌيڪ سخت آهي. مان پيٽروگراد (Petrograd) ۾ هڪ مشهور روسي شاعر، اليگزينڈر بلاڪ (Alexander Block) سان مليس. جيڪو بعد ۾ غربت ۽ بک سبب مري ويو. بالشوويڪن هن کي جماليات پڙهائڻ جي اجازت ڏني هئي، پر هن دانهن ڪئي ته هو زور پري رهيا هئا ته هو اهو مضمون "مارڪسي نقطہ نظر کان" پڙهائي. هو اهو ڳولڻ ۾ پريشان هو ته ردم (rhythmics) جي نظريي جو مارڪسزم سان ڪهڙو تعلق آهي. جيتوڻيڪ بک کان بچڻ لاءِ هن اهو معلوم ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي هئي. يقيناً، جڏهن کان بالشوويڪ اقتدار ۾ آيا آهن، روس ۾ اهڙو ڪجهہ بہ ڇاپڻ ناممڪن آهي جيڪو انهن عقيدن تي تنقيد ڪندو هجي جن تي سندن حڪومت ٻڌل آهي.

آمريڪا ۽ روس جا مثال اسان کي ان نتيجي تي پهچائين ٿا تہ جيستائين ماڻهو سياست جي اهميت تي موجوده انتهاپسندانہ عقيدو رکندا، سياسي معاملن تي آزاد خيالي ناممڪن هوندي. ۽ ان ڳالهہ جو تمام گهڻو خطرو آهي تہ آزاديءَ جي هيءَ ڪوٺ ۾ين سيني معاملن تائين پکڙجي ويندي، جيئن روس ۾ ٿيو آهي. صرف ڪنهن حد تائين سياسي شڪ ئي اسان کي هن مصيبت کان بچائي سگهي ٿو.

اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ تعليم جا ذميوار آفيسر چاهين ٿا تہ نوجوان پڙهيل لکيل ٿين. ان جي ابتر، انهن جو مسئلو اهو هوندو آهي تہ ڄاڻ (information) تہ ڏني وڃي پر ذهانت (intelligence) پيدا نہ ڪئي وڃي. تعليم جا بہ مقصد هجڻ گهرجن: پهريون، واضح ڄاڻ ڏيڻ—پڙهڻ ۽ لکڻ، هوليون ۽ رياضي وغيره؛ ٻيو، اهڙيون ذهني عادتون پيدا ڪرڻ جيڪي ماڻهن کي علم حاصل ڪرڻ ۽ پاڻمرادو صحيح فيصلا ڪرڻ جي قابل

بڻائين. پهرين کي اسان جاڻ (information) ۽ ٻئي کي ذهانت (intelligence) چئي سگهون ٿا. جاڻ جو فائدو نظرياتي توڙي عملي طور مڃيل آهي؛ پڙهيل لکيل آبادي ۽ کان سواءِ جديد رياست ناممڪن آهي. پر ذهانت جو فائدو صرف نظرياتي طور مڃيو وڃي ٿو عملي طور نہ. اهو نڪو چاهيو وڃي ته عام ماڻهو پنهنجي لاءِ پاڻ سوچين، چاکاڻ ته اهو سمجهيو وڃي ٿو ته پنهنجي لاءِ سوچيندڙ ماڻهو سنپالڻ ڏکيا آهن ۽ اهي انتظامي مشڪلاتون پيدا ڪن ٿا. افلاطون (Plato) جي لفظن ۾ چئجي ته صرف محافظن (guardians) کي سوچڻ گهرجي؛ باقي ٻين کي حڪم مڃڻ گهرجي يا رڍن جي ڏڻ وانگر اڳواڻن جي پويان هلڻ گهرجي. اهو نظريو اڪثر غير شعوري طور تي، سياسي جمهوريت اڃڻ ڪانپوءِ بہ قائم رهيو آهي، ۽ ان سبب قومي تعليمي نظامن کي بنيادي طور تباهہ ڪري ڇڏيو آهي.

جيڪو ملڪ بنا ذهانت جي رڳو جاڻ ڏيڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪامياب ٿيو آهي اهو جديد دنيا جو سڀ کان تازو حصو جاپان آهي. ڇيو وڃي ٿو ته جاپان ۾ پرائمري تعليم نصاب جي لحاظ کان شاندار آهي. پر پڙهائڻ سان گڏ، ان جو هڪ ٻيو مقصد بہ آهي، جيڪو ميڪاڊو جي پوڄا سيکارڻ آهي—جيڪو هاڻي جاپان جي جديد ٿيڻ کان اڳ جي پيٽ ۾ گهڙو مضبوط عقيدو آهي. اهڙي طرح اسڪولن کي هڪ ئي وقت علم ڏيڻ ۽ توهم پرستي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي. جيئن ته اسان تي ميڪاڊو جي پوڄا جو ڪو اثر ناهي، ان ڪري اسان واضح طور ڏسي سگهون ٿا ته جاپاني تعليم ۾ ڇا ٻيوقوفاڻو آهي. اسان جون پنهنجون قومي توهم پرستيون اسان کي فطري ۽ عقلمنداڻيون لڳن ٿيون، ان ڪري اسان انهن کي ائين صحيح نٿا ڏسون جيئن جاپاني توهم پرستيءَ کي ڏسون ٿا. پر جيڪڏهن ڪو گهميل ڦريل جاپاني اهو دليل ڏئي ته اسان جا اسڪول اهڙيون توهم پرستيون پڙهائين ٿا جيڪي ميڪاڊو جي خدائي تي يقين رکڻ جيترين ئي

ذهانت جي خلاف آهن، تہ مون کي پڪ آهي تہ هو تمام سٺو کيس پيش ڪري سگهي ٿو.

في الحال مان علاج جي ڳولا ۾ ناهيان، پر رڳو بيماريءَ جي سڃاڻپ (Diagnosis) تائين محدود آهيان. اسان کي ان حيران ڪندڙ حقيقت جو سامهون آهي تہ تعليم، ذهانت ۽ آزاد خياليءَ جي وڏي رڪاوٽ بڻجي وئي آهي. ان جو بنيادي سبب اهو آهي تہ رياست تعليم تي پنهنجي اجاراداري (monopoly) جي دعويٰ ڪري ٿي، پر اهو ڪنهن بہ ريت واحد سبب ناهي.

(2) پروپيگنڈا.—اسان جو تعليمي نظام نوجوانن کي اسڪولن مان ائين ٻاهر ڪڍي ٿو جو اهي پڙهي تہ سگهن ٿا، پر گهٽي پاڳي ٿبوتن کي پرکڻ يا ڪا آزاد راءِ قائم ڪرڻ جي قابل ناهن هوندا. پوءِ سڄي عمر انهن تي اهڙن بيانن ذريعي حملا ڪيا وڃن ٿا جن جو مقصد انهن کي هر قسم جي بيوقوفاٽين ڳالهين تي يقين ڏيارڻ هوندو آهي. جهڙوڪ فلاڻي جون گوريون سيني بيمارين جو علاج آهن، شِپٽزبرگن (Spitzbergen) گرم ۽ زرخيز آهي، ۽ جرمن لاش کائيندا آهن. پروپيگنڈا جو فن، جيئن تہ جديد سياستدان ۽ حڪومتون ان تي عمل ڪن ٿيون، اشتهارن جي فن مان ورتل آهي. نفسيات جي سائنس اشتهار ڏيندڙن جي تمام گهڻي ٽورائتي آهي. پراڻن ڏينهن ۾ گهڻا نفسياتي ماهر شايد ائين سمجهندا هئا تہ ڪو ماڻهو صرف زوردار طريقي سان پنهنجي شين جي سني هجڻ جو دعويٰ ڪري گهٽن ماڻهن کي قائل نٿو ڪري سگهي. پر، تجربو ٻڌائي ٿو تہ هو ان ڳالهہ ۾ غلط هئا. جيڪڏهن مان هڪ دفعو ڪنهن عوامي جاءِ تي ٻيهي چوان تہ مان دنيا جو سڀ کان عاجز انسان آهيان، تہ ماڻهو مون تي کلندا، پر جيڪڏهن مان ايترا پئسا گڏ ڪري سگهان جو اهو ئي بيان سيني بسن ۽ مکيہ ريلوي لائينن جي بورڊن تي لڳرائي

چڏيان، تہ ماڻهو جلد ئي يقين ڪرڻ لڳندا تہ مون کي مشهوريءَ کان سخت نفرت آهي.
جيڪڏهن مان ڪنهن ننڍي دڪاندار وٽ وڃي چوان: "سامهون پنهنجي مقابلي واري
کي ڏس، هو تنهنجو ڪاروبار کسي رهيو آهي؛ چا تون نٿو سمجهين تہ اهو هڪ سٺو
منصوبو ٿيندو تہ تون پنهنجو ڪاروبار چڏي روڊ جي وچ تي بيهين ۽ کيس گولي هڻڻ جي
ڪوشش ڪرين ان کان اڳ جو هو توکي گولي هڻي؟"—جيڪڏهن مان ائين چوان، تہ
ڪو بہ ننڍو دڪاندار مون کي چريو سمجهندو. پر جڏهن حڪومت اهو ئي ڪم زور شور
سان ۽ بينڊ وڄائي ڪري ٿي، تہ ننڍا دڪاندار پرجوش ٿي وڃن ٿا، ۽ بعد ۾ جڏهن انهن
کي خبر پوي ٿي تہ ڪاروبار کي نقصان پهتو آهي تہ اهي حيران ٿين ٿا. پروپيگنڊا، انهن
ئي طريقن سان ڪئي وڃي ٿي جيڪي اشتهار ڏيندڙن کي ڪامياب لڳا آهن، جيڪا
هاڻي سيني ترقي يافتہ ملڪن ۾ حڪومت ڪرڻ جي مڃيل طريقن مان هڪ آهي، ۽
خاص طور تي اهو ئي طريقو آهي جنهن سان جمهوري راءِ ناهي وڃي ٿي.

اڄڪلهہ جنهن طريقي سان پروپيگنڊا ڪئي وڃي ٿي، ان ۾ بہ بلڪل مختلف خرابيون
آهن. هڪ طرف، ان جو دارومدار سنجيده دليلن بدران غير منطقي سببن تي هوندو آهي؛
ٻئي طرف، اها انهن کي ناجائز فائدو ڏئي ٿي جيڪي سڀ کان وڌيڪ پبلسٽي حاصل
ڪري سگهن ٿا، چاهي پئسي ذريعي هجي يا طاقت ذريعي. منهنجي خيال ۾، ڪڏهن
ڪڏهن ان ڳالهہ تي گهڻو گوڙ ڪيو ويندو آهي تہ پروپيگنڊا عقل بدران جذبن کي اپيل
ڪري ٿي. جذبي ۽ عقل جي وچ ۾ لڪير ايتري گهري ناهي جيتري کي ماڻهو سمجهن
ٿا. ان کان علاوه، هڪ هوشيار ماڻهو کنهن بہ اهڙي موقف جي حق ۾، جنهن جي قبول ٿيڻ
جو ٿورو بہ امڪان هجي، هڪ ڪافي معقول منطقي دليل تيار ڪري سگهي ٿو. ڪنهن بہ
حقيقي مسئلي تي هميشہ ٻنهي پاسن کان سٺا دليل هوندا آهن. حقيقت جي بلڪل غلط
بيانن تي يقينن اعتراض ڪري سگهجي ٿو، پر اهي هرگز ضروري ناهن هوندا. رڳو لفظ

"پيئرز سوپ" (Pear's Soap)، جيڪي ڪا بہ دعويٰ نٿا ڪن، ماڻهن کي اها شيءِ خريد ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا. جيڪڏهن، جتي بہ اهي لفظ لکيل آهن، انهن کي "ليبر پارٽي" جي لفظن سان تبديل ڪيو ويجي، تہ لکين ماڻهو ليبر پارٽيءَ کي ووٽ ڏيڻ تي مجبور ٿي ويندا، جيتوڻيڪ اشتهارن ان جي ڪنهن بہ خوبي جي دعويٰ نہ ڪئي هجي ها. پر جيڪڏهن ڪنهن تڪرار ۾ پنهنجي ڏرين کي قانون موجب صرف اهڙن بيانن تائين محدود ڪيو ويجي جن کي نامور منطقدانن جي ڪاميٽي لاڳاپيل ۽ صحيح سمجهي، تڏهن بہ پروپيگنڊا جي هاڻوڪي طريقي جي مڪمل خرابي باقي رهندي. فرض ڪريو اهڙي قانون هيٺ، بہ ڏريون هجن جن وٽ هڪ جيڈا سٺا ڪيس هجن، جن مان هڪ وٽ پروپيگنڊا تي خرچ ڪرڻ لاءِ ڏهہ لک پائونڊ هجن، جڏهن تہ بيءَ وٽ صرف هڪ لک هجن. اهو ظاهر آهي تہ امير پارٽيءَ جي حق ۾ دليل غريب پارٽيءَ جي پيٽ ۾ وڌيڪ مشهور ٿيندا، ۽ ان کري امير پارٽي ڪٽيندي. اها صورتحال يقيناً ان وقت وڌيڪ خراب ٿيندي جڏهن هڪ ڏر پاڻ حڪومت هجي. روس ۾ پروپيگنڊا تي حڪومت جي تقريباً مڪمل اجاراداري آهي، پر اها ضروري ناهي. حڪومت کي پنهنجي مخالفن تي جيڪي فائدا حاصل هوندا آهن، اهي ئي ان کي فتح ڏيارڻ لاءِ ڪافي هوندا، جيستائين ان جو ڪيس انتهائي خراب نہ هجي.

پروپيگنڊا تي اعتراض رڳو ان ڳالهہ جو ناهي تہ اها بي عقليءَ کي اپيل ڪري ٿي، پر ان کان وڌيڪ اهو غير منصفاڻو فائدو آهي جيڪو اميرن ۽ طاقتورن کي ملي ٿو. جيڪڏهن سوچ جي حقيقي آزادي هجڻي آهي تہ راين جي وچ ۾ برابر موقعا هجڻ ضروري آهي؛ ۽ راين جي وچ ۾ برابر موقعا صرف ان مقصد لاءِ جوڙيل تفصيلي قانونن ذريعي ئي حاصل ڪري سگهجن ٿا، جن جي منظور ٿيڻ جي ڪا بہ اميد نٿي ڪري سگهجي. ان جو علاج

بنيادي طور تي اهڙن قانونن ۾ ناهي ڳولڻو پر بهتر تعليم ۽ عوام جي وڌيڪ شڪي راءِ ۾ ڳولڻو آهي. تنهن هوندي به، هن وقت مان علاج تي بحث ڪرڻ نٿو چاهيان.

(3) معاشي دٻاءُ—مان سوچ جي آزاديءَ جي هن رڪاوٽ جي ڪجهه پهلوئن تي اڳ ۾ ئي ڳالهائي چڪو آهيان، پر هاڻي مان ان کي وڌيڪ عام رخن سان هڪ اهڙي خطري طور بيان ڪرڻ چاهيان ٿو جيڪو جيستائين ان کي روڪڻ لاءِ واضح قدم نه کنيا ويندا، تيسين يقيني طور تي وڌندو. سوچ جي آزاديءَ خلاف استعمال ٿيندڙ معاشي دٻاءَ جو سڀ کان وڏو مثال سوويت روس آهي، جتي، واپاري معاهدي کان اڳ، حڪومت اهڙن ماڻهن کي بک ماري سگهندي هئي ۽ ماريندي هئي جن جا خيال ان کي ناپسند هئا—مثال طور، ڪرپوٽڪن (Kropotkin)، پر ان حوالي سان روس ٻين ملڪن کان صرف ٿورو اڳتي آهي. فرانس ۾، ڊريفس (Dreyfus) واري معاملي دوران، ڪنهن به استاد کي نوڪري وڃائڻي پوي ها جيڪڏهن هو شروعات ۾ ڊريفس جي حق ۾ هجي ها يا آخر ۾ ان جي خلاف هجي ها. اڄڪلهه جي آمريڪا ۾ مون کي شڪ آهي ته ڪنهن يونيورسٽيءَ جي پروفيسر کي، پلي هو ڪيڏو به نالياورو چو نه هجي، نوڪري ملي سگهندي جيڪڏهن هو استينڊرڊ آئل ڪمپنيءَ تي تنقيد ڪري، چو ته سيني ڪاليجن جي صدرن مسٽر روڪفيلر کان فنڊ ورتا آهن يا وٺڻ جي اميد رکن ٿا. سڄي آمريڪا ۾ سوشلسٽ نشاني تي آهن، ۽ انهن لاءِ ڪم ڳولڻ انتهائي ڏکيو آهي جيستائين انهن ۾ کي وڏيون صلاحيتون نه هجن. اهو لاڙو جيڪو هر ان هنڌ موجود آهي جتي صنعتڪاري ڇڪي طرح ترقي يافته آهي، ته ترست ۽ هٽ هنداريون (monopolies) سيني صنعتن کي ڪنٽرول ڪن، جنهن سان ممڪن مالڪن (employers) جو تعداد گهٽجي ويڃي ٿو. ان ڪري ڇڪجهن بليڪ بڪن (ڪارين لسٽن) کي سنيالڻ وڌيڪ آسان ٿيندو پيو ويڃي، جن جي ذريعي ڪنهن به اهڙي شخص کي بک ماري سگهجي ٿو جيڪو وڏين

ڪارپوريشنن جو فرمانبردار ناهي. آمريڪا ۾ هٿ هنڌارين (monopolies) جو وڏڙ ڪيترين ئي اهي برايون آڻي رهيو آهي جيڪي اسٽيٽ سوشلزم سان لاڳاپيل آهن جيئن روس ۾ ڏٺو ويو آهي. آزاديءَ جي نقطہ نظر کان، هڪ ماڻهوءَ لاءِ ان سان ڪو فرق نٿو پوي تہ سندس واحد ممڪن نوڪري ڏيندڙ رياست آهي يا ڪو ترسٽ.

آمريڪا ۾، جيڪو صنعتي طور تي سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ ملڪ آهي، ۽ گهٽ حد تائين ٻين ملڪن ۾ جيڪي آمريڪي حالتن جي ويجهو ٿي رهيا آهن، هڪ عام شهريءَ لاءِ، جيڪڏهن هو روزي ڪمائڻ چاهي ٿو، اهو ضروري ٿي ويو آهي تہ هو ڪجهہ وڏن ماڻهن جي دشمنيءَ کان بچي. ۽ انهن وڏن ماڻهن جو هڪ اهڙو نظريو—مذهبي، اخلاقي، ۽ سياسي—هوندو آهي جنهن سان هو اميد رکن ٿا تہ سندن ملازم گهٽ ۾ گهٽ ظاهري طور تي ئي سهي متفق هوندا. هڪ ماڻهو جيڪو ڪليل نموني عيسائيت سان اختلاف رکي ٿو، يا شادي جي قانونن ۾ نرمي آڻڻ تي يقين رکي ٿو، يا وڏين ڪارپوريشنن جي طاقت تي اعتراض ڪري ٿو، ان لاءِ آمريڪا هڪ تمام غير آرامده ملڪ آهي، جيستائين هو اتفاق سان ڪو وڏو ليڪڪ نہ هجي. سوچ جي آزاديءَ تي اهڙيون ئي پابنديون ان هر ملڪ ۾ يقيني طور تي پيدا ٿينديون جتي معاشي نظام کي عملي اجارادارياءَ (monopoly) جي حد تائين پهچايو ويو هجي. ان ڪري هن نئين ٺهندڙ دنيا ۾ آزاديءَ جو تحفظ اوٽويهين صديءَ جي پيٽ ۾ گهڙو ڏکيو آهي، جڏهن آزاد مقابلو اڄا حقيقت ۾ موجود هو. جيڪو بہ ذهن جي آزاديءَ جي پرواهہ ڪري ٿو، ان کي هن صورتحال کي پوري سچائيءَ سان منهن ڏيڻو پوندو ۽ اهو سمجهڻو پوندو تہ اهي طريقا هاڻي لاڳو نٿا ٿي سگهن جيڪي تڏهن ڪارآمد هئا جڏهن صنعتڪاري اڃا شروعاتي مرحلي ۾ هئي.

ٻہ سادا اصول آهن جيڪي جيڪڏهن مڃيا وڃن، تہ سماجي مسئلا تقريباً حل ٿي ويندا. پهريون اهو تہ تعليم جي مقصدن مان هڪ اهو هجڻ گهرجي تہ ماڻهن کي صرف تڏهن ڀالهين تي يقين ڪرڻ سيکاريو وڃي جڏهن اهو سوچڻ جو ڪو سبب هجي تہ اهي سچيون آهن. ٻيو اهو تہ نوڪريون صرف ۽ صرف ڪم ڪرڻ جي قابليت جي بنياد تي ڏنيون وڃن.

پهرين ٻئي نقطي تي ڀالهايون ٿا. ڪنهن ماڻهوءَ کي عهدي يا نوڪري ڏيڻ کان اڳ هن جي مذهبي، اخلاقي، ۽ سياسي راين تي غور ڪرڻ جي عادت، جبر ۽ ظلم جو هڪ جديد روپ آهي، ۽ اهو امڪان آهي تہ هي اوتروئي اثرائتو ٿي ويندو جيترو انڪوائزيشن (Inquisition) هئي. پراٽيون آزاديون قانوني طور تي قائم رهي سگهن ٿيون پر اهي بلڪل بي فائدي هجن ٿيون. جيڪڏهن، عملي طور تي، ڪجهہ رايا ماڻهوءَ کي بک مرڻ تي مجبور ڪن ٿا، تہ ان لاءِ اهو جاڻڻ معمولي تسلي آهي تہ هن جا رايا قانون موجب سزا جوڳا ناهن. چرچ آف انگلينڊ جو حصو نہ هجڻ تي، يا سياست ۾ ٿورا غير روايتي خيال رکڻ تي ماڻهن کي بک مارڻ خلاف عوام ۾ ڪجهہ حد تائين احساس موجود آهي. پر ملحدن، مورمن (Mormons)، انتهائي ڪميونسٽن، يا آزاد محبت جا حامي ماڻهن کي نوڪري نہ ڏيڻ خلاف بمشڪل ئي ڪو احساس موجود آهي. اهڙن ماڻهن کي خراب سمجهيو وڃي ٿو، ۽ کين نوڪري نہ ڏيڻ بلڪل فطري سمجهيو وڃي ٿو. ماڻهو اڃا تائين ان ڀالهہ کان سجاڳ نہ ٿيا آهن تہ هڪ انتهائي صنعتي رياست ۾، نوڪري ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ بنيادي طور ظلم جو هڪ تمام سخت روپ آهي.

جيڪڏهن هن خطري کي صحيح نموني سمجهيو وڃي، تہ عوامي راءِ کي جاڳائڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو، ۽ اهو يقيني بڻائي سگهجي ٿو تہ ڪنهن شخص کي نوڪري ڏيڻ وقت

سندس عقيدن تي ڏيان نہ ڏنو وڃي. اقليتن جو تحفظ انتهائي اهم آهي؛ ۽ اسان مان سڀ کان وڌيڪ روايتي سوچ رکندڙ به کنهن نہ کنهن ڏينهن پاڻ کي اقليت ۾ محسوس ڪري سگهي ٿو ان ڪري اسان سڀني جو مفاد ان ۾ آهي تہ اڪثريت جي ظلم کي روڪيو وڃي. عوامي راءِ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ به هن مسئلي کي حل نٿو ڪري سگهي. سوشلزم ان کي ايجا وڌيڪ شديد بڻائي ڇڏيندو، ڇاڪاڻ تہ اهو اهي موقعا ختم ڪري ڇڏيندو جيڪي هن وقت ڪجهہ استثنائي (سڀن) مالڪن هجڻ جي ڪري ملن ٿا. صنعتي ڪارخانن جي سائيز ۾ هر واڌ ان کي ايجا ۾ وڌيڪ خراب ڪري ٿي، ڇو تہ ان سان آزاد نوڪري ڏيندڙن جو تعداد گهٽجي ٿو. اها جنگ بلڪل ائين وڙهڻي پوندي جيئن مذهبي رواداريءَ جي جنگ وڙهي وئي هئي. ۽ جيئن ان صورتحال ۾ ٿيو هو، تيئن ئي هن ڳالهہ ۾ به عقيدي جي شدت ۾ گهٽتائي ئي فيصلائتو ڪردار ادا ڪندي. جيستائين ماڻهو ڪيٿولڪزم يا پروٽيسٽنٽزم جي مڪمل سچائيءَ تي يقين رکندا هئا، هو ان جي بنياد تي ظلم ڪرڻ لاءِ تيار هئا. جيستائين ماڻهو پنهنجن جديد عقيدن تي مڪمل يقين رکن ٿا، اهي انهن لاءِ ٻين تي ظلم ڪندا. رواداريءَ تي عمل ڪرڻ لاءِ شڪ جو ڪجهہ حصو هجڻ ضروري آهي، جيتوڻيڪ نظرياتي طور نہ سهي. ۽ هي ڳالهہ مون کي پنهنجي ٻئي نقطي ڏانهن وٺي وڃي ٿي، جنهن جو تعلق تعليم جي مقصدن سان آهي.

جيڪڏهن دنيا ۾ رواداري پيدا ڪرڻي آهي، تہ اسڪولن ۾ پڙهائجي ويندڙ شين مان هڪ ٿبوتن کي پرکڻ جي عادت، ۽ انهن ڳالهين کي مڪمل طور نہ مڃڻ جو عمل هئڻ گهرجي، جن کي سچ مڃڻ جو ڪو سبب موجود نہ هجي. مثال طور، اخبارون پڙهڻ جو فن سيکاريو وڃي. استاد کي ڪو اهڙو واقعو چونڊڻ گهرجي جيڪو ڪافي سال اڳ ٿيو هجي ۽ جنهن پنهنجي وقت ۾ سياسي جذبن کي پڙڪايو هجي. پوءِ هن کي اسڪول جي ٻارن کي پڙهي ٻڌائڻ گهرجي تہ ان واقعي بابت هڪ پاسي وارين اخبارن ڇا چيو، ٻئي

پاسي وارين ڇا ڇيو ۽ ان واقعي بابت هڪ غير جانبدار ڪهاڻي ٻڌائڻ گهرجي ته حقيقت ۾ ڇا ٿيو هو. هن کي ٻڌائڻ گهرجي ته ڪيئن، ڪنهي پاسن جي طرفداريءَ وارين خبرن مان، هڪ سمجهدار پڙهندڙ اهو اندازو لڳائي سگهي ٿو ته اصل ڇا ٿيو هو. ۽ ڪين اهو سمجهائڻ گهرجي ته اخبارن ۾ سڀ ڪجهه ڪنهن حد تائين ڪوڙ هوندو آهي. ان تعليم سان جيڪو طنزيه شڪ (cynical scepticism) پيدا ٿيندو، اهو هارن کي اڳتي هلي ان آئيڊيلزم (تصوراتي چڱائي) جي اپيلن کان محفوظ رکندو، جنهن ذريعي شريف ماڻهن کي بدمعاشن جي منصوبن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

تاريخ بہ ساڳئي نموني پڙهائڻ گهرجي. مثال طور نيپولين جي 1813ع ۽ 1814ع واري مهم جو مطالعو فرانسي اخبار "مونيٽيور" (Moniteur) مان ڪري سگهجي ٿو. جيڪو پيرس جي ماڻهن جي ان حيراني تائين وڃي ٿو جڏهن هنن اتحادين کي پيرس جي ديوارن هيٺان پهچندي ڏٺو جڏهن ته (سرڪاري خبرن موجب) انهن کي هر جنگ ۾ نيپولين شڪست ڏئي ڇڏي هئي. وڏن ڪلاسن ۾، شاگردن جي اها ڳالهه ڳڻڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪئي وڃي ته ٽراٽسڪي (Trotsky) ياران لينن (Lenin) کي ڪيترا پيرا قتل ڪيو ويو آهي، ته جيئن اهي موت جو خوف ختم ڪري سکن. آخر ۾، ڪين حڪومت ياران منظور ٿيل هڪ اسڪولي تاريخ جو ڪتاب ڏنو وڃي، ۽ ڪائنن پڇيو وڃي ته هو اندازو لڳائين ته فرانس جي اسڪولن جي تاريخ جو ڪتاب فرانس سان اسان جي جنگين بابت ڇا چوندو هوندو. اهو سڀ ڪجهه انهن پراڻن ۽ عام اخلاقي نصيحتن جي پيٽ ۾ شهريت جي بهترين سکيا هوندو، جن جي ذريعي ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته شهري فرض جو احساس پيدا ڪري سگهجي ٿو.

منهنجي خيال ۾ اهو ضرور ميڙ گهرجي ته دنيا جون برايون ايتريون ئي اخلاقي خرابين سبب آهن جيتريون ڏهانت جي کوٽ سبب. پر انساني نسل ايجا تائين اخلاقي خرابين کي ختم ڪرڻ جو ڪو طريقو ناهي ڳولي سگهيو. واعظ ۽ نصيحتون صرف اڳين برائين جي لسٽ ۾ منافقيءَ جو واڌارو ڪن ٿيون. ان جي ابتڙ، هر قابل استاد کي خبر آهي ته ڏهانت کي طريقن سان آسانيءَ سان بهتر بڻائي سگهجي ٿو. ان ڪري، جيستائين نيڪي سيکارڻ جو ڪو طريقو دريافت نٿو ٿئي، ترقي اخلاق کي بهتر بڻائڻ جي بجاءِ ڏهانت جي بهتري ذريعي ڳولڻي پوندي. ڏهانت جي وڌين رڪاوٽن مان هڪ جلد ڳالهه مڃي وڻڻ (credulity) آهي، ۽ ڪوڙ جي پکڙيل شڪلين بابت تعليم ڏيڻ سان ان کي گهٽي حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو. اڃڪلهه جلدي يقين ڪرڻ اڳ جي پيٽ ۾ وڏي برائي آهي چاڪاڻ ته، تعليم جي واڌ جي ڪري، غلط معلومات پکيڙڻ پهرين کان وڌيڪ آسان آهي، ۽ جمهوريت جي ڪري، غلط معلومات پکيڙڻ طاقتورن لاءِ ماضيءَ کان وڌيڪ اهم آهي. اهو ئي اخبارن جي ڇپائيءَ ۾ واڌ جو سبب آهي.

جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي ته دنيا کي اهي به اصول ميڙ لاءِ ڪيئن قائل ڪيو وڃي—يعني (1) نوڪريون ماڻهن کي سندن قابليت جي بنياد تي ڏنيون وڃن؛ (2) تعليم جو هڪ مقصد ماڻهن ۾ اها عادت ختم ڪرڻ هجي ته اهي بغير ثبوتن جي ڳالهين تي يقين ڪن—ته مان صرف اهو ئي چئي سگهان ٿو ته اهو هڪ روشن خيال عوامي راءِ پيدا ڪرڻ ذريعي ئي ٿي سگهي ٿو. ۽ روشن خيال عوامي راءِ صرف انهن جي ڪوشش سان ئي پيدا ڪري سگهجي ٿي جيڪي ان جي هجڻ جا خواهشمند آهن. مون کي يقين ناهي ته سوشلسٽن پاران ٻڌايل معاشي تبديليون، پاڻمرادو، انهن برائين کي ختم ڪرڻ ۾ ڪجهه ڪنديون جن تي اسان بحث ڪيو آهي. منهنجو خيال آهي ته، سياست ۾ جيڪو به ٿئي، معاشي ترقيءَ جو لاڙو ذهني آزاديءَ کي بچائڻ ايجا وڌيڪ ڏکيو بڻائيندو.

جيستائين عوامي راءِ ان ڳالهه تي زور نه ڏئي ته نوڪري ڏيندڙ (مالڪ) ملازم جي ڪم ڪانسواءِ سندس زندگيءَ ۾ ٻي ڪنهن به شيءِ کي ڪنٽرول نه ڪندو. جيڪڏهن چاهيو وڃي ته تعليم ۾ آزادي آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهجي ٿي، جنهن لاءِ رياست جو ڪم صرف چڪاس ۽ ادائيگيءَ تائين محدود هجي، ۽ چڪاس کي سختيءَ سان صرف پڙهائيءَ جي حد تائين محدود رکيو وڃي. پر، جيئن هن وقت حالتون آهن، ان سان تعليم گرجا گهرن (Churches) جي هٿ ۾ رهندي، چاڪاڻ ته، بدقسمتيءَ سان، اهي پنهنجن عقيدن کي پڙهائڻ لاءِ آزاد خيال ماڻهن پاران پنهنجا شڪ پڙهائڻ کان وڌيڪ بيچين آهن. پر اهو هڪ آزاد ميدان ڏيندو، ۽ جيڪڏهن حقيقت ۾ چاهيو وڃي ته لبرل (آزاد) تعليم ڏيڻ ممڪن ٿيندو. قانون کان ان کان وڌيڪ گهر نه ڪري گهرجي.

هن پوري خطاب دوران منهنجي اپيل سائنسي مزاج (scientific temper) کي پکيڙڻ لاءِ رهي آهي، جيڪا سائنسي نتيجن (scientific results) جي ڄاڻ کان بلڪل مختلف شيءِ آهي. سائنسي مزاج انسانيت کي نئين سر جيئرو ڪرڻ ۽ اسان جي سڀني پريشانين جو حل ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ٻئي طرف سائنس جا نتيجا، مشينن، زهريلي گيس ۽ زرد صحافت (yellow press) جي شڪل ۾، اسان جي تهذيب جي مڪمل تباهيءَ ڏانهن وڌي وڃڻ جو يقين ڏياري رهيا آهن. هي هڪ عجيب تضاد آهي، جنهن کي مريخ جو ڪو رهاڪو شايد حيراني ۽ لاتعلقيءَ سان ڏسندو. پر اسان لاءِ اهو زندگيءَ ۽ موت جو معاملو آهي. ان جي نتيجي تي هن سوال جو دارومدار آهي ته ڇا اسان جا پوٽا ڏوهٽا هڪ وڌيڪ خوشحال دنيا ۾ رهندا، يا هو سائنسي طريقن سان هڪٻئي کي تباهه ڪري ڇڏيندا، ۽ انسانيت جو مستقبل شايد شيدي يا پاپوا ٻيٽ جي ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏيندا.


Ilim Darya
علم دریا